رسالہ نمبر: 66

# جنتي محل جو سودو

شيخ طريقت امير اهلسنت حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا. (مُستَطرَف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت




رسالي جو نالو: جنتي محل جو سودو

تاريخِ اشاعت: جمادي الاولي 1439ھ، فروري 2018ع

تعداد: -

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اُگتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.


www.dawateislami.net

# جنتي محل جو سودو

هي رسالو "جنتی محل کا سودہ" شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي **حضرت علامہ مولانا ابو بِلال مُحَمّد الياس عَطار قَادري رَضَوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اردو زبان ۾ تحريري بيان آهي.

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)**


**رابطي جي لاءِ:**

**مڪتب مجلس تراجم (دعوتِ اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# جنتي محل جو سودو*

شيطان لک سستيون ڏياري هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس ڪندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

شَفِيعُ الْمُذنِبين رَحمَةٌ لِّلعٰلمين صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي: "اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مصافحه ڪن ۽ نبي (صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درودِ پاڪ موڪلين ته ان جي جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناهه معاف ڪيا ويندا آهن."

(مسند ابي يعلٰي، ج. 3، ص. 95، حديث 2951)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ ڀيري بصره جي هڪ محلي ۾ هڪ زيرِ تعمير عاليشان محل جي اندر داخل ٿيا،

* شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه دعوت اسلامي جي عالمي مرڪز فيضانِ مدينه باب المدينه ڪراچي ۾ ٿيڻ واري سنتن ڀريي اجتماع (26 رمضان المبارڪ 1429 هه _ 9_28_ 2008) ۾ فرمايو هو. جيڪو ضرورتاً ترميم سان تحريري طور تي حاضر خدمت آهي.

مجلس مڪتبة المدينه

www.dawateislami.net

چا ڏٺائون تہ ھڪ حسين نوجوان مزدورن، مسترين ۽ ڪم ڪرڻ وارن کي وڏي مصروفيت سان گڏ ھر ھر ڪم جي ھدايت ڏئي رھيو آھي. حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پنھنجي رفيق حضرت سيدنا جعفر بن سليمان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سان فرمايو: ملاحظہ فرمايو تہ نوجوان محل جي تعمير ۽ تزئين (يعني زيب و زينت) جي معاملي ۾ ڪيتري قدر دلچسپي رکي ٿو مون کي ان جي حال تي رحم اچي رھيو آھي مان چاھيان ٿو تہ الله تعالٰي کان دعا گھران تہ ھن کي ھن حال کان نجات ڏئي، چا عجب تہ ھي جنت جي جوانن مان ٿي وڃي.“ ھي فرمائي حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه، حضرت سيدنا جعفر بن سليمان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سان گڏ ان وٽ تشريف کڻي وياء سلام ڪيائون. ان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي نہ سڃاتو. جڏھن تعارف ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي تمام گھڻي عزت ۽ توقير ڪئي ۽ تشريف آوري جو مقصد دريافت ڪيو. حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه (ان نوجوان تي انفرادي ڪوشش جو آغاز ڪندي) فرمايائون: توھان ھن عاليشان مڪان تي ڪيتري رقم خرچ ڪرڻ جو ارادو رکو ٿا؟ نوجوان عرض ڪيو: ھڪ لک درھم. حِضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: جيڪڏھن اوھان ھي رقم مون کي ڏيو تہ مان اوھان جي لاءِ ھڪ اھڙي عاليشان محل جي ضمانت وٺان ٿو، جيڪو ھن کان وڌيڪ خوبصورت ۽ پائيدار آھي. ان جي مٽي مشڪ و زعفران جي ھوندي، اھو ڪڏھن بہ منھدم نہ ٿيندو ۽ صرف محل ئي نہ بلڪ ان سان گڏ

www.dawateislami.net

خادم، خادمياڻون ۽ سرخ ياقوت جا قبا، نهايت شاندار ۽ حسين خيما وغيره بہ هوندا ۽ اُن محل کي رازن ناهي ناهيو بلڪ اهو صرف الله تعاليٰ جي ”کُن“ (يعني ٿي وڃ) چوڻ سان ٺهيو آهي. نوجوان جوابًا عرض ڪيو: مون کي هن جي باري ۾ هڪ رات غور ڪرڻ جي مهلت عنايت فرمايو: حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن فرمايو: تمام سٺو.

هن مڪالمي کان پوءِ هي حضرات اتان کان هليا ويا، حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي رات جو هر هر اُن نوجوان جو خيال ايندو رهيو ۽ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ ان جي حق ۾ دعاءِ خير فرمائيندا رهيا. صبح جي وقت ٻيهر ان جي طرف تشريف کڻي ويا تہ نوجوان کي پنهنجي دروازي تي منتظر ڏٺائون. نوجوان وڏي جوشيلي طريقي سان استقبال ڪندي پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: ڇا اوهان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي ڪالهہ جي ڳالهہ ياد آهي؟ حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ ارشاد فرمايو: ڇو نہ! تہ نوجوان هڪ لک درهمن جون ٿيليون حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي حوالي ڪندي عرض گذار ٿيو تہ هي رهي منهنجي رقم ۽ هي حاضر آهن قلم، دوات ۽ ڪاغذ.

حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ ڪاغذ ۽ قلم هٿ ۾ کڻي هن مضمون جو بيع نامو تحرير فرمايو: ”بِسمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم“ هي تحرير هن غرض جي لاءِ آهي تہ (حضرت سيدنا) مالڪ بن

www.dawateislami.net

دينار (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه) فلان بن فلان جي لاءِ هن جي دنياوي مڪان جي عوض الله تعالٰي ڪان هڪ اهڙي ئي شاندار محل ڏيارڻ جو ضامن آهي ۽ جيڪڏهن هن محل ۾ وڌيڪ ڪجھ ٻيو بہ هجي تہ الله تعالٰي جو فضل آهي. هن هڪ لک درهم جي بدلي ۾ مون هڪ جنتي محل جو سودو فلان بن فلان جي لاءِ ڪيو آهي، جيڪو هن دنياوي مڪان ڪان وڌيڪ وسيع ۽ شاندار آهي ۽ اهو جنتي محل قربِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي سائي ۾ آهي."

حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ٻيع نامو نوجوان جي حوالي ڪري هڪ لک درهم شام ڪان پهريان پهريان فقراء ۽ مساڪين ۾ تقسيم ڪري فرمائي ڇڏيا. هن عظيم عهد نامي کي لکندي اڃان 40 ڏينهن بہ نہ گذريا تہ نمازِ فجر ڪان پوءِ مسجد ڪان نڪرندي حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نگاھ محرابِ مسجد تي پئي، ڇا ڏسن ٿا تہ ان نوجوان جي لاءِ لکيل اهو ئي ڪاغذ اتي رکيل آهي ۽ ان جي پشت تي بغير مَس (ink) جي هي تحرير چمڪي رهي هئي: "الله عزيز حڪيم عَزَّوَجَلَّ جي طرفان مالڪ بن دينار جي لاءِ پروانہ براءت آهي تہ تو جنهن محل جي لاءِ منهنجي نالي سان ضمانت ورتي هئي اهو اسان ان نوجوان کي عطا ڪري ڇڏيو بلڪ ان ڪان 70 گنا وڌيڪ نوازيو."

حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن تحرير کي کڻي جلدي سان نوجوان کي مڪان تي تشريف کڻي ويو، اتان ڪان

روج راڙي جو شور بلند ٿي رهيو هو. پڇڻ تي ٻڌايو ويو تہ اهو نوجوان ڪالهہ فوت ٿي ويو هو. غسل ڏيڻ واري بيان ڏنو تہ ان نوجوان مون کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ وصيت ڪئي تہ منهنجي ميت کي تون غسل ڏجان ۽ هڪ ڪاغذ مون کي ڪفن جي اندر رکڻ جي وصيت ڪئي. جيئن تہ حسبِ وصيت ان جي تدفين ڪئي وئي. حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه محرابِ مسجد تان مليل ڪاغذ غسال کي ڏيکاريو تہ بي اختيار پڪارڻ لڳو: وَاللّٰهِ الْعَظِيْم هي تہ اهو ئي ڪاغذ آهي جيڪو مون ڪفن ۾ رکيو هو. هي ماجرو ڏسي هڪ شخص حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ 2 لک درهم جي عوض ضمانت نامو لکڻ جي التجاء ڪئي تہ فرمايو: ”جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو“ الله عَزَّوَجَلَّ جنهن سان جيڪو چاهيندو آهي ڪندو آهي“. حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اُن مرحوم نوجوان کي ياد ڪري اشڪ باري فرمائيندا رهيا.“ (روض الرياحين، ص. 57-59)

الله رب العزت عَزَّوَجَلَّ جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جس کو خدائے پاک نے دی خوش نصیب کی
کتنی عظیم چیز ہے دولت یقین کی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## شانِ اولياء

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا هم عصر آهن. اوهان ملاحظه فرمايو ته پروردگار عَزَّوَجَلَّ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ڪيترو اختيار عطا فرمايو ته پاڻ دنياوي مڪان جي عوض جنتي محل جو سودو فرمائي ڇڏيو. واقعي الله رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي ولين جي تمام گهڻي شان هوندي آهي. شانِ اولياء سمجهڻ جي لاءِ هي حديث پاڪ ملاحظه فرمايو جيئن ته سيد الانبياء و المرسلين، راحت العاشقين، جناب صادق و امين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان دلنشين آهي: "ٿورڙي ريا به شرڪ آهي ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي سان دشمني ڪري اهو الله عَزَّوَجَلَّ سان لڙائي ڪندو آهي، الله تعالٰي نيڪن، پرهيزگارن، لڪيلن کي دوست رکندو آهي جو غائب ٿين ته ڳوليا نه وڃن، حاضر هجن ته سڏيا نه وڃن ۽ انهن کي ويجهو نه ڪيو وڃي، انهن جا دل هدايت جا چراغ هوندا، هر اونداهائي مٿي ڪان نڪرن." (مشڪاة المصابيح، ج. 2، ص. 269، حديث 5328)

## هر نيڪ ٻانهي جو احترام ڪريو

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته بارگاهه خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ مقبوليت جو معيار شهرت ۽ ناموري هرگز ناهي بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ته مخلص ٻانها ئي مقبول هوندا آهن اگرچه دنيا ۾ انهن کي ڪير پنهنجي ويجهو ويهڻ نه ڏئي، گم ٿي وڃن ته ڪير ڳولڻ وارو به هجي، وفات ٿي وڃن ته ڪير روئڻ وارو نه

www.dawateislami.net

هجي، ڪنهن محفل ۾ تشريف ڪٽي اچن ته ڪير پڇڻ وارو نه هجي. بهر حال اسان کي هر پابندِ شريعت مسلمان جو ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ادب نه ٿا ڪري سگهيو ته گهٽ ۾ گهٽ ان جي بي ادبي کان بچڻ ئي گهرجي ڇو ته ڪجهه ماڻهو لڪيل بزرگ هوندا آهن ۽ اسان کي خبر ناهي پوندي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان جي بي ادبي ماڻهو کي بربادي جي گهري کڏي ۾ ڪيرائي ڇڏيندي آهي. جيئن ته:

## گستاخ جو عبرتناڪ انجام

منقول آهي: بارش ختم ٿي چڪي هئي، موسم ٿڌو ٿي چڪو هو، ٿڌي هوا جا جهونڪا هلي رهيا هئا پراڻي لباس ۾ ملبوس هڪ ديوانو ٿتل جوتا پائي بازار کان گذري رهيو هو. هڪ حلوائي جي دڪان جي ويجهو کان گذريو ته ته وڏي عقيدت سان کير جو هڪ گرم گرم پيالو پيش ڪيو. ان ويهي ڪري ”بِسمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم“ چوندي پي ڇڏيو ۽ اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ چوندي اڳتي هلڻ لڳو. هڪ طوائف پنهنجي يار سان گڏ پنهنجي مڪان جي ٻاهر وِيني هئي، بارش جي سبب کان گهٽين ۾ گپ ٿي وئي هئي، بي خيالي ۾ اُن ديواني جو پير گپ ۾ پئجي ويو جنهن جي سبب گپ اٿي ۽ طوائف جي ڪپڙن تي پئي، ان جي يار بداطوار کي غصو آيو، ان ديواني کي ٿپڙ ماري ڇڏي، ديواني مار کائي الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪندي چوڻ لڳو: ”ياالله عَزَّوَجَلَّ تون به وڏو بي نياز آهين، ڪٿي کير پيارين ٿو ته ڪٿي ٿڦڙ نصيب ٿئي ٿو، سنو! اسان ته تنهنجي رضا تي راضي آهيون.“ هي چئي ڪري

ديوانو اڳتي هلڻ لڳو. ڪجهه ئي دير ڪان پوءِ طوائف جو يار مڪان جي ڇت تي چڙهيو، ان جو پير ڦسليو، زمين تي ڪريو ۽ مري ويو. پوءِ جڏهن بيهر ان ديواني جو انهي ئي مقام تان گذر ٿيو، ڪنهن شخص ديواني کي چيو: اوهان ان شخص کي بددعا ڏني جنهن سان اهو ڪري مري ويو. ديوانو چيو: ”خدا جو قسم! مون ڪا بد دعا ناهي ڏني“ ان شخص چيو پوءِ هي شخص ڪِري ڇو مريو؟ ديواني جواب ڏنو: ”ڳالهه هي آهي ته انجاني ۾ منهنجو پير سان طوائف جي ڪپڙن تي گپ پئي ته ان جي يار کي ناگوار گذريو ۽ ان مون کي ٿڦڙ ماري، جڏهن ان مون کي ٿڦڙ ماري ته منهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ کي ناگوار گذريو ۽ اُن بي نياز عَزَّوَجَلَّ ان کي مڪان تان هيٺ ڪيرائي ڇڏيو.“

صَــلُّوا عَـلَى الحَـبِيب! صَـلَّى اللهُ تَعالٰى عَـلٰى مُحَمَّد

## اولياء اللّٰه جي ويجهو دنيا جي ڪا حيثيت ناهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ”جنتي محل جي سودي“ واري حڪايت مان جتي شانِ اولياء جو اظهار آهي اتي ئي انهن جي دنيا ڪان بي رغبتي ۽ انهن جي اصلاحِ امت جو عظيم ۽ مقدس جذبي جو به ظهور آهي. هي حضراتِ قدسيه ماڻهن جي دين جي دوري ۽ دنيا جي مشغولي جي سبب ڪان ڪڙهندا هئا. يقينًا انهن جي نظر ۾ دنيا جي ڪا حيثيت ئي نه هئي ۽ دنيا جي مذمت جون احاديث مبارڪ انهن جي پيش نظر رهنديون هيون. ان ضمن

۾،

# دنيا جي باري ۾ 17 احاديث مبارڪ سماعت ڪريو

## 1. پکين جي روزي

امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: مان حضُور نبي ڪريم، رؤف رحيم، محبوب رب عظيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو ته جيڪڏهن توهان الله عَزَّوَجَلَّ تي اهڙو توڪل ڪريو جيئن ته ان تي توڪل ڪرڻ جو حق آهي ته توهان کي اهڙو رزق ڏئي جيئن پکين کي ڏيندو آهي ته اهي (پکي) صبح جو بکيا ويندا آهن ۽ شام جو شڪم سير موٽندا آهن. (سنن الترمذي، ج. 4، ص. 154، حديث 2351)

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: توڪل جو حق هي آهي ته فاعلِ حقيقي الله تعالٰي کي ئي ڄاڻي. ڪن فرمايو ته ڪسب ڪرڻ نتيجو الله تي ڇڏڻ، توڪل جو حق آهي. جسم کي ڪم ۾ لڳائي دل کي الله سان وابسته رکي. تجربو ٻه آهي ته الله تعالٰي تي توڪل ڪرڻ وارا بکيا نه ٿا مرن. ڪنهن ڇا خوب فرمايو:

رزق نہ رکھیں ساتھ میں پنچھی اور درویش
جن کا رب پر آسرا ان کو رزق ہمیش

خيال رهي ته پکي رزق جي تلاش جي لاءِ آشياني کان ٻاهر ضرور ايندا آهن. ها وٽن ۾ هلڻ جي طاقت ناهي ته انهن کي

اتي ئي بيني بيني ڪاڏو، پاٽي پهچندو آهي. ڪانء جو ٻچو انڊي ڪان نڪرندو آهي تہ اڇو هوندو آهي. ان جا ماءُ پيءُ ان ڪان ڊڄي ڪري ڀڄي ويندا آهن الله تعالٰي ان ٻچي جي منهن تي پونگي (هڪ قسم جو ننڍو ڪيڙو) جمع ڪري ڇڏيندو آهي، هي ٻچو انهن کي کائي ڪري وڏو ٿيندو آهي، جڏهن ڪارو ٿي ويندو آهي تڏهن ماءُ پيءُ ايندا آهن. (مراٰة، ج 7، ص 113-114، مرقات، ج 9، ص 156، زيرِ حديث 5299)

## توڪل ڪنهن کي چوندا آهن

منهنجي آقا اعلٰي حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: توڪل ترڪِ اسباب جو نالو ناهي بلڪ اعتماد علي الاسباب جو ترڪ آهي. (فتاوٰي رضويہ، ج 24، ص 379) يعني اسباب ئي ڇڏي ڏيڻ توڪل ناهي توڪل تہ هي آهي جو اسباب تي ڀروسو نہ ڪري.

## 2. دنيا ۽ ان ۾ سيني شين کان بهتر

رحمت عالم، نور مجسم، شاه بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي: ”جنت ۾ هڪ ڪوڙي (يعني چابڪ) جيتري جڳهہ دنيا ۽ ان جي سيني شين کان بهتر آهي.“ (صحيح البخاري، ج 2، ص 392، حديث 325) شيخِ محقق، محقق علي الاطلاق، خاتمُ المحدثين، حضرت علامہ شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تحت ارشاد فرمائن ٿا: جنت ۾ ٿورڙي جڳهہ دنيا ۽ ان جي سيني شين کان بهتر آهي. ڪوڙي يعني چابڪ جو ذڪر

www.dawateislami.net

هن عادت جي مطابق آهي تہ سوار جڏهن ڪنهن جڳهہ تي لهڻ چاهيندو آهي تہ پنهنجو چابڪ اڇلائي ڇڏيندو آهي تہ جيئن ان جي نشاني رهي ۽ ٻيو ڪو ماڻهو اتي نہ لهي. (اشعة اللمعات، ج. 4، ص. 433)

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪوڙي (يعني چابڪ) مان مراد آهي اتان جي ٿورڙي جڳهہ. واقعي جنت جون نعمتون دائمي آهن. دنيا جي فاني، پوءِ دنيا جون نعمتون تڪليفن سان مليل آهن (۽) اتان جون نعمتون خالص، پوءِ دنيا جون نعمتون ادنٰي اهي اعلٰي، انهيءَ لاءِ دنيا کي اتان جي ادنٰي جڳهہ سان ڪا نسبت ئي ناهي. (مراة المناجيح، ج. 7، ص. 447)

## 3. دنيا جي لاءِ مال جمع ڪرڻ وارا بي عقل آهن

اُم المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ، طيبہ، طاهره، عابده، زاهده، عفيفہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي تہ نبي اڪرم، رسول محتشم، تاجدار حرم، شهنشاه ارم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”دنيا ان جو گهر آهي جنهن جو ڪو گهر نہ هجي ۽ ان جو مال آهي جنهن جو ڪو مال نہ هجي ۽ ان جي لاءِ جمع ڪري ٿو جنهن ۾ عقل نہ هجي.“ (مشڪاة المصابيح، ج. 2، ص. 250، حديث 5211)

## 4. دنيا ۾ مسافر بڻجي رهو

حضرت سيدنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سياح افلاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

منهنجا ڪلها پڪڙي ارشاد فرمايائون: ”دنيا ۾ هڪ اجنبي ۽ مسافر ٻڻجي رهو.“ حضرت سيدنا ابن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا فرمائن ٿا: ”جڏهن تون شام ڪرين تہ اچڻ واري صبح جو انتظار نہ ڪر ۽ جڏهن صبح ڪرين تہ شام جو منتظر نہ رهہ ۽ حالتِ صحت ۾ بيماري جي لاءِ ۽ زندگي ۾ موت جي لاءِ تياري ڪر.“

(صحيح البخاري، ج. 4، ص. 223، حديث 6416)

## 5. دشمنن جو رعب ويندو رهندو

حضرت سيدنا ثوبان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ مڪي مديني جي سلطان، رسول ذيشان، محبوب رحمٰن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون ويجهو آهي تہ امتون توهان تي هڪ ٻئي کي اهڙي دعوت ڏين جيئن کائڻ وارا پنهنجي پيالي جي طرف. تہ ڪير چوڻ واري چيو: ڇا ان ڏينهن اسان جي ڪمي جي سبب کان ايئن ٿيندو؟ فرمايائون: ”بلڪ توهان ان ڏينهن تمام وڏيڪ هوندو پر توهان ٻوڏ جي مير وانگر هڪ وهڪ ٻڻجي ويندو (توهان ٻوڏ جي پاڻي تي گند ڪچري وانگر وهي ويندو يعني توهان جي اندر جرءت و شجاعت ۽ قوت ختم ٿي ويندي (اشعہ)) ۽ اللّٰہ تعالٰي توهان جي دشمن جي دلين مان توهان جي هيبت ڪڍي ڇڏيندو ۽ توهان جي دلين ۾ سستي ۽ ضعف (ڪمزوري) وجهي ڇڏيندو“ ڪنهن چوڻ واري عرض ڪيو: يا رسول اللّٰہ ”وهن“ ڪهڙي شي آهي؟ فرمايائون: ”دنيا جي محبت ۽ موت جو ڊپ“

(سنن ابي داؤد، ج. 4، ص. 150، حديث4297)

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: يعني ڪفار جون قومون، يهود، نصارٰي، مشرڪين، مجوسي وغيره توهان کي مٽائڻ جي لاءِ متفق ٿي ويندا بلڪ هڪ ٻئي کي دعوت ڏيندا ته اچو مسلمانن کي مٽايون ۽ انهن کي ستايون ٿا توهان تي اسان سان گڏ شريڪ ٿي وڃون. هي حالات هاڻي شروع ٿي چڪا آهن ڏسو يهودي ۽ عيسائي هڪ ٻئي جا دشمن آهن پر اڄ مسلمانن کي مٽائڻ جي لاءِ ٻئي بلڪ انهن سان گڏ مشرڪين به هڪ ٿي ويا آهن. هي آهي هن فرمانِ عالي جو ظهور! حضُور (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جو هڪ هڪ لفظ حق آهي. يعني اسان جي مقابلي ۾ جيڪي ڪفار جا حوصلہ ايترا بلند ٿي ويندا ڇا ان جو سبب هي هوندو ته ان زماني ۾ اسان جي تعداد ٿورڙي ٿي وئي هوندي! (نه بلڪ) اڄ اسان جي تعداد وڌيڪ ٿي آهي، ان سان ڪفار تي اسان جي ڌاڪ ويٺل آهي. يعني مقابلةً اڄ توهان جي تعداد ان ڏينهن کان وڌيڪ هوندي پر توهان ايئن هوندو جيئن سمنڊ ۾ پاڻي جي مير، ڏيکاءُ وڌيڪ حقيقت ڪجهه نه!بزدلي، نا اتفاقي، دل جي پريشاني، آرام طلبي، عقل جي ڪمي، موت جو ڊپ، دنيا جي محبت توهان ۾ وڌيڪ ٿي ويندي. (مرقات، ج 9، ص 232، حديث 5369) انهن سببن جي ڪري ڪفار جي دلين مان توهان جي هيبت ڪڍي ويندي. وهن بمعني سستي، ضعف، ڪمزوري، مشقت، هتي يا بمعنٰي سستي آهي يا بمعني ضعف. رب تعالٰي فرمائي ٿو: حَمَلَتۡهُ اُمُّهٗ وَهۡنًا عَلٰی وَهۡنٍ (ترجمو: سندس ماءُ

ڪيس پيٽ ۾ ڪنيو ڪمزوري تي ڪمزوري) (پ. 21، لقمان 14) ۾ فرمائي ٿو: رَبِّ اِنِّیْ وَهَنَ الْعَظْمُ مِنِّیْ (ترجمو: اي منهنجا رب منهنجا هڏ ڪمزور ٿي ويا) (پ. 16، مريم 4)

يعني توهان دل جا ڪمزور ۽ سست ٿي ويندو جهاد کان لهرائيندو. يعني ان سستي ۽ ضعف (ڪمزوري) جو سبب ٻه شيون آهن، هڪ دنيا ۾ رغبت ٻئي موت جو خوف. جنهن قوم ۾ هي ٻه شيون جمع ٿي وڃن اها عزت جي زندگي نہ ٿي گذاري سگهي. خيال رهي تہ دنيا جي محبت ۽ موت کان نفرت لازم ملزوم شيون آهن. (مراٰة، ج. 7، ص. 173-174)

## 6. دنيا جي محبت گناهن جو سَر آهي

حضرت سيدنا حذيفہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ مان سرڪارِ مدينہ، قرار قلب و سينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ، باعث نزول سڪينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي خطبي ۾ فرمائيندي ٻڌو: ”شراب گناهن جي جامع آهي، عورتون شيطان جون رسيون آهن ۽ دنيا جي محبت تمام گناهن جو سَر آهي“.
(مشڪاة المصابيح، ج. 2، ص. 250، حديث 5212)

## 7. آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي حيثيت

حضرت سيدنا مُستَورِد بن شدّاد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ الله جي محبوب، داناءِ غيوب، منزه عن العيوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! آخرت جي مقابلي ۾ دنيا

www.dawateislami.net

ايتري آهي جيئن ڪير پنهنجي آڱر کي سمنڊ ۾ وجهي ته اهو ڏسي ته هن آڱر تي ڪيترو پاڻي آيو“ (صحيح مسلم، ص. 1529، حديث 2858)

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: هي به فقط سمجهائڻ جي لاءِ آهي نه ته فاني ۽ متناهي (يعني انتها تي پهچڻ واري) کي باقي غير فاني ۽ غير متناهي سان (ايتري) سبب نسبت به ناهي جيڪو (ته) پسيل آڱر جي تري کي سمنڊ مان آهي. خيال رهي ته دنيا اها آهي جيڪا الله کان غافل ڪري، عاقل عارف جي دنيا ته آخرت جي ٻني آهي، ان جي دنيا تمام ئي عظيم آهي، غافل جي نماز به دنيا آهي، جو (ته) اهو عزت جي لاءِ ادا ڪري ٿو. عاقل جو ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ، جاڳڻ بلڪ جيئڻ مرڻ به دين آهي ته حضُور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي سنت آهي، مسلمان انهي لاءِ ڪائي پيئي سمهي جاڳي ته هي حضُور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جون سنتون آهن. حياة الدنيا ٻئي شي آهي، حيوٰة في الدنيا ۽، حياة للدنيا ڪجهه ٻئي ۽، يعني دنيا جي زندگي، دنيا ۾ زندگي، دنيا جي لاءِ زندگي. جيڪا زندگي دنيا ۾ هجي پر آخرت جي لاءِ هجي دنيا جي لاءِ نه هجي، اهو مبارڪ آهي. مولانا فرمائن ٿا: شعر

آب در کشتی ہلاک کشتی است | آب اندر زیر کشتی پشتی است

(ٻيڙي دريا ۾ رهي ته نجات آهي، ۽ جيڪڏهن دريا ٻيڙي ۾ اچي وڃي ته هلاڪ آهي) (مراٰة، ج. 7، ص. 3)

www.dawateislami.net

## 8. ٻڪريءَ جو مُئل ٻچو

حضرت سيدنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ رحمت عالم، نور مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڪريءَ جي مُئل ٻچي جي ويجهو گذري ارشاد فرمايائون: "توهان مان ڪو هي پسند ڪندو تہ هي هڪ درهم جي عوض ملي؟ انهن عرض ڪيو: اسان نہ ٿا چاهيون تہ هي اسان کي ڪنهن بہ شي جي عوض ملي. تہ ارشاد فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! دنيا الله عَزَّوَجَلَّ وٽ هن کان بہ وڌيڪ ذليل آهي جيئن هي توهان جي ويجهو."

(مشڪاة المصابيح، ج. 2، ص. 242، حديث 5157)

مفسرشهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني ٻڪري جو مُئل ٻچو ڪير چار آني ۾ بہ ناهي وٺندو، تہ ان جي گل بيڪار ۽ گوشت وغيره حرام آهي، ان کي ڪير خريد ڪندو! دنيا جي معنٰي هاڻي عرض ڪئي وئي. اها ياد رهي. صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا تہ دنيا دار کي سيني جهانن جا مرشد هدايت نہ ٿا ڪري سگهن، تارڪ الدنيا دنيدار کي سيئي شياطين ملي ڪري گمراھ نہ ٿا ڪري سگهن، دنيا دار ديني ڪم بہ ڪندو آهي تہ دنيا جي لاءِ، ۽ ديندار دنياوي ڪم بہ ڪندو آهي تہ دين جي لاءِ. (مراٰة، ج. 7، ص. 3)

## 9. دنيا مڇر جي پر کان بہ ذليل آهي

حضرت سيدنا سهل بن سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ حسنِ اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجور، محبوبِ ربِ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى

www.dawateislami.net

عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد عبرت بنياد آهي: ”جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو دنيا جي حيثيت مڇر جي پر جي برابر به هجي ها ته اهو هن دنيا ۾ ڪنهن به ڪافر کي پاڻي جو هڪ ڍُڪ به پيئڻ جي لاءِ نه ڏئي.“ (سنن الترمذي، ج. 4، ص. 143، حديث 2327)

## 10. عبادت کان دوري جو وبال

حضرت سيدنا معقل بن يسار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي ته سيد المبلغين، رحمة اللعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: ”توهان جو پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: ”اي ابن آدم! تو پاڻ کي منهنجي عبادت جي لاءِ فارغ ڪري ڇڏ مان تنهنجي دل کي غنا سان ۽ تنهنجي هٿن کي رزق سان پري ڇڏيندس ۽ اي ابن آدم! تو منهنجي عبادت کان دوري اختيار نه ڪر (نه ته) مان تنهنجي دل کي فقر سان پري ڇڏيندس ۽ تنهنجي هٿن کي دنياوي ڪمن ۾ مصروف ڪري ڇڏيندس.“

(المستدرڪ للحاڪم، ج. 5، ص. 464، حديث 7996)

## 11. دنيا جي محبت آخرت جي نقصان جو سبب آهي

حضرت سيدنا ابو موسٰي اشعري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي ته رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”جنهن دنيا سان محبت ڪئي اهو پنهنجي آخرت کي نقصان پهچائيندو آهي ۽ جنهن آخرت سان محبت ڪئي اهو پنهنجي دنيا کي نقصان پهچائيندو آهي، ته تون باقي رهڻ واري (آخرت) کي فنا ٿيڻ واري (دنيا) تي ترجيح ڏيو.“ (المستدرڪ للحاڪم، ج. 5، ص. 454، حديث 7967)

www.dawateislami.net

## 12. هڪ ڏينهن جي خوراڪ هجي تہ ......

حضرت سيدنا عبيد الله بن محصن خطمي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ صاحبِ جود و سخا، احمد مجتبٰي، محمد رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”توهان مان جنهن هن حال ۾ صبح ڪئي تہ ان جو دل مطمئن، بدن تندرست ۽ ان وٽ هڪ ڏينهن جي خوراڪ هجي تہ ڄڻ ان جي لاءِ دنيا جمع ڪئي وئي آهي.“ (سنن الترمذي، ج. 4، ص. 154، حديث 2353)

## 13. دنيا ملعون آهي

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سياحِ افلاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي: ”هوشيار رهو دنيا لعنتي شي آهي ۽ جيڪو دنيا ۾ آهي اهو بہ لعنتي آهي سواءِ الله تعالٰي جي ذڪر جي ۽ ان جي جيڪو رب عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو ڪري ڇڏي ۽ عالِم جي ۽ طالبِ علم جي.“ (سنن الترمذي، ج. 4، ص. 144، حديث 2329)

## 14. الله پاڻهن کي دنيا کان پرهيز ڪرائيندو آهي

حضرت سيدنا محمود بن لبيد رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ طيبہ جي شمس الضحٰي، ڪعبي جي بدر الدجٰي، محمد رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عافيت نشان آهي: ”الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهي کي دنيا کان اهڙي طرح پرهيز ڪرائيندو آهي جهڙي طرح توهان پنهنجي مريض کي کائڻ ۽ پيئڻ جي شين کان پرهيز ڪرائيندا آهيو.“ (شعب الايمان، ج. 7، ص. 321، حديث 10450)

## 15. دولت جو پانھو لعنتي آھي

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آھي تہ مصطفٰي جانِ رحمت، شمع بزمِ هدايت، شفيع روز قيامت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آھي: ”لعنتي آھي درھم ۽ دينار جو پانھو.“ (سنن الترمذي، ج. 4، ص. 166، حديث 2382)

## 16. مال ۽ عزت جي محبت جي تباھہ ڪاري

حضرت سيدنا ڪعب بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ چون ٿا تہ سرڪارِ مدينہ منوره، سردار مڪہ مڪرمہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”ٻہ بکيا بگھڙ جنھن کي ٻڪرين ۾ ڇڏيو وڃي تہ اهي ايترو نقصان ناهن پھچائيندا جيترو مال ۽ عزت جي لالچ انسان جي دين کي نقصان پھچائيندي آھي.“ (سنن الترمذي، ج. 4، ص. 166، حديث 2383)

## 17. دنيا مومن جي لاءِ قيد خانو آھي

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو تہ سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”دنيا مومن جي لاءِ قيد خانو ۽ ڪافر جي لاءِ جنت آھي.“
(صحيح مسلم، ص. 1582، حديث 2956)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انفرادي ڪوشش ڪرڻ جي سنت آھي

منا منا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي حڪايت ۾ اوهان ڏٺو تہ دنياوي مڪان جي تعميرات ۾

مشغول نوجوان تي انفرادي ڪوشش ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪهڙي طرح ان جو مدني ذهن بڻايو ۽ ان سان گڏ جنتي محل جوسودو فرمايو: يقينًا نيڪي جي ڪم جي دعوت ۾ انفرادي ڪوشش جو وڏو عمل دخل آهي ايسيتائين جو اسان جي مٺي مٺي آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڻ سڀ جا سڀ انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام نيڪي جي دعوت جي ڪم ۾ انفرادي ڪوشش فرمائي آهي.

## انفرادي ڪوشش جي اهميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جو تقريبًا 99 فيصد مدني ڪم انفرادي ڪوشش جي ذريعي ئي ممڪن آهي، اڪثر انفرادي ڪوشش[1]، اجتماعي ڪوشش[2] کان وڌيڪ مؤثر ثابت هوندي آهي جو ته اڪثر ڏٺو ويو آهي ته اهو اسلامي ڀاءُ جيڪو سالن جا سال سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪندو رهي ٿو، ۽ دورانِ بيان مختلف ترغيبات مثلاً پنج وقته باجماعت نماز، رمضان المبارڪ جا روزا، عمامو شريف، ڏاڙهي مبارڪ، زلفون، اڃو مدني لباس، روزانو فڪر مدينه جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري، مدني تربيتي

[1] هڪ فرد کي الڳ سان نيڪي جي دعوت ڏيڻ (يعني ان کي سمجهائڻ) کي ”انفرادي ڪوشش“ چوندا آهن.

[2] سنتن ڀريي اجتماع ۾ بيان جي ذريعي، مسجد درس، چوڪ درس وغيره جي ذريعي مسلمانن تائين نيڪي جي دعوت پهچائڻ (يعني انهن کي سمجهائڻ) کي ”اجتماعي ڪوشش“ چوندا آهن.

www.dawateislami.net

ڪورس (63 ڏينهن)، مدني قافلہ ڪورس (41 ڏينهن)، يڪمشت 12 مهينا، 30، 13 يا 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر وغيره جو ٻڌي ڪري عملي جامو پارائڻ جون نيتون بہ ڪري ڇڏيندو آهي پر عملي قدم کڻڻ ۾ ناڪام رهندو آهي پر جڏهن ڪو دعوتِ اسلامي جي مبلغ ان سان محبت سان گڏ ملاقات ڪري انفرادي ڪوشش ڪئي ۽ نرمي و شفقت، تدبير و حڪمت سان ان امور جي ترغيب ڏياريندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ان جو عامل بڻجي ويندو آهي. جڻ اجتماعي ڪوشش جي ذريعي لوهہ گرم ڪيو ويندو ۽ انفرادي ڪوشش جي ذريعي ان تي مدني ڌڪ لڳائي ڪري ان کي مدني سانچي ۾ وڌو ويندو آهي.

ياد رهي! اجتماعي ڪوشش جي مقابلي ۾ انفرادي ڪوشش بي حد آسان آهي ڇو تہ ڪثير اسلامي ڀائرن جي سامهون ”بيان“ ڪرڻ جي صلاحيت هر هڪ ۾ ناهي هوندي جڏهن تہ انفرادي ڪوشش هر هڪ ڪري سگهي ٿو چاهي ان کي بيان ڪرڻ بہ نہ ايندو هجي. انفرادي ڪوشش جي ذريعي خوب خوب نيڪي جي دعوت ڏيندا وڃون ۽ ثواب جو خزانو حاصل ڪندا وڃون.

## نيڪي جي دعوت جو ثواب

پاره 24 سورة حم السّجده، آيت 33 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَمَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَاۤ اِلَى اللّٰهِ

وَعَمِلَ صَالِحًا وَّقَالَ اِنَّنِیْ مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ ﴿۳۳﴾

www.dawateislami.net

ترجمو كنز الايمان: ۽ ان کان وڌيڪ ڪنهن جي ڳالھ چڱي تي سگھي ٿي جيڪو الله جي طرف سڏي ۽ نيڪي ڪري ۽ چوي ته مان مسلمان آهيان.

رسول اڪرم، نور مجسم، شاهه بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن الله تعالٰي توهان جي ذريعي ڪنهن هڪ کي به هدايت ڏئي ته توهان جي لاءِ سرخ اُٺن کان بهتر آهي.“ (صحيح مسلم، ص. 1311، حديث 2406)

حضرت سيدنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته رحمت ڪونين، رسول الثقلين، ناناءِ حسنين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”نيڪي جي طرف رهنمائي ڪرڻ وارو به نيڪي ڪرڻ واري جي طرح آهي.“ (سنن الترمذي، ج. 4، ص. 305، حديث 2679)

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي ته رسولِ اڪرم، نور مجسم، شاهه بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جنهن هدايت ۽ ڀلائي جي دعوت ڏني ته ان کي هن ڀلائي جي پيروي ڪرڻ وارن جي برابر ثواب ملندو ۽ انهن (ڀلائي جي پيروي ڪرڻ وارن) جي اجر ۾ (به) ڪا ڪمي واقع نه ٿيندي ۽ جنهن ڪنهن کي گمراهي جي دعوت ڏني ان کي هن گمراهي جي پيروي ڪرڻ وارن جي برابر گناهه ٿيندو ۽ انهن (گمراهي ڪرڻ وارن) جي گناهن ۾ (به) ڪمي نه ٿيندي.“

(صحيح مسلم، ص. 1438، حديث 2674)

www.dawateislami.net

## هر ڪلمي جي بدلي هڪ سال جي عبادت جو ثواب

هڪ ڀيري حضرت سيدنا موسٰي ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بارگاهہ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو: ”يا الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي نيڪي جو حڪم ڪري ۽ برائي کان روڪي تہ ان جي جزا ڇا آهي؟“ الله تبارڪ و تعالٰي ارشاد فرمايو: ”مان ان جي هر هر ڪلمي جي بدلي هڪ هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکان ٿو ۽ ان کي جهنم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حيا اچي ٿي.“

(مڪاشفة القلوب، ص. 48)

مجھے تم ایسی دو ہمت دوں سب کو نیکی کی دعوت آقا
بنا دو مجھ کو بھی نیک خصلت نبی رحمت شفیع امت

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## انفرادي ڪوشش جا پـ يادگار واقعا

منا منا اسلامي ڀائرو! قرآن و سنت جي عالمگير مدني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جي ترقي ۾ انفرادي ڪوشش جو وڏو حصو آهي. يادگار واقعو (1) دعوتِ اسلامي جي شروع جي ڏينهن ۾ هڪ هڪ فرد تي انفرادي ڪوشش ڪرڻ جي لاءِ مان (سگِ مدينہ عفی عنہ) ان جي گهر، دفتر ۽ دڪان تائين ڪڏهن ڪڏهن اڪيلو ويندو هئس. دعوتِ اسلامي ٺهندي اڃان وڌيڪ عرصو نہ گذريو هو ۽ انهن ڏينهن ۾ نور مسجد ڪاغذي بازار، باب المدينہ ۾ امامت ڪندو هئس، هڪ نوجوان جيڪو ڏاڙهي

ڪوڙيو (Shaved) هو. ڪنهن غلط فهمي جي بنا تي ويچارو مون ڪان ناراض ٿي ويو ايسيتائين جو ان منهنجي پويان نماز پڙهڻ ئي ڇڏي ڏني. هڪ ڀيري مان ڪٿان گذري رهيو هئس حسنِ اتفاق سان اهوئي شخص پنهنجي دوست سميت منهنجي اڳيان اچي ويو، مون سلام ۾ پهل ڪندي اَلسَّلَامُ عَلَيۡکُم چيو ته ان ناراضگي جي انداز ۾ منهن هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ سلام جو جواب نه ڏنو، مان ان جو نالو وٺي هي چيو ته اوهان ته ڏاڍا ناراض آهيو. ان ڪي پاڻ سان گلي لڳائي ڇڏيو. ان سان اهو ٿورو ڪليو ۽ ان جي ذهن ۾ جيڪي وسوسا هئا چوڻ شروع ڪري ڇڏيو، مون نرمي سان ان جا جوابات عرض ڪيا. پوءِ اهي ٻئي دوست روانا ٿي ويا.

جڏهن ٻيهر مذڪوره ناراض نوجوان جي دوست سان منهنجي ملاقات ٿي ته ان مون کي ٻڌايو ته اهو چئي رهيو هو، ”يار! الياس ته عجيب ماڻهو آهيجو ان مون کي سلام ۾ پهل ڪئي، تڏهن به مان ناراض ٿي ڪري منهن هيٺ ڪري ڇڏيو ته جذبات ۾ اچي ڪري منهن خراب ڪرڻ جي بجاءِ ان مون کي پنهنجي سيني سان لڳايو ۽ پوءِ پيار سان اهڙو دٻايو جو منهنجي سيني مان ان جي نفرت هڪدم نڪري وئي ۽ محبت داخل ٿي وئي! بس هاڻي مريد ٿيندس ته انهي جو ٿيندس.“ جيئن ته اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اهو پڪو عطاري ٿي ڪري هڪدم محب ٻڄي ويو ۽ ڏاڙهي مبارڪ به پنهنجي چهري تي سجائي ورتي.

ہے فلاح وکامرانی نرمی وآسانی میں
ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں
ڈوب سکتی ہی نہیں موجوں کی طغیانی میں
جس کی کشتی ہو محمد کی نگہبانی میں

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ياد گار واقعو (2)

هي انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن مان شهيد مسجد، کارا در، باب المدينه ڪراچي ۾ امامت جي سعادت حاصل ڪندو هئس، ۽ هفتي جا اڪثر ڏينهن باب المدينه جي مختلف علاقن ۾ مسجدن ۾ وڃي سنتن پريا بيانات ڪري مسلمانن کي دعوتِ اسلامي جو تعارف ڪرائيندو هئس ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مسلمانن جي هڪ تعداد منهنجي دعوت قبول ڪري چڪي هئي ۽ دعوتِ اسلامي اثار وٺي رهي هئي پر هاڻي دعوتِ اسلامي هڪ ڪمزور ٻوٽي جي مثل هئي. واقعو هيئن ٿيو ته موسٰي لين، لياري، باب المدينه ۾ جتي منهنجي قيام گاهه هئي اتان جو منهنجو هڪ پاڙي وارو ڪنهن نه ڪيل خطا جي سبب صرف و صرف غلط فهمي جي سبب مون کان سخت ناراض ٿي ويو ۽ جوش ۾ مون کي ڳوليندي شهيد مسجد پهچي ويو. مان اتي موجود نه هئس بلڪ ڪٿي سنتن پريو بيان ڪرڻ ويو هئس. ماڻهن جي چوڻ بابت ان شخص مسجد ۾ نمازين جي سامهون منهنجي باري ۾ سخت ناراضگي جو اظهار ڪيو ۽ ڪافي شور مچايو ۽ اعلان ڪيو ته مان الياس قادري جي (ڪارنامن) جو بورڊ چاڙهيندس وغيره. مون ڪا انتقامي ڪاروائي

www.dawateislami.net

نہ ڪئي پڻ همت ہہ نہ هاري ۽ پنهنجي مدني ڪمن کان ذرو برابر ہہ پوئتي نہ هٽيس. خدا عَزَّوَجَلَّ جو ڪرڻ ايئن ٿيو تہ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ جڏهن مان پنهنجي گهر جي طرف اچي رهيو هئس تہ اهوئي شخص ڪجھ ماڻهن سان گڏ محلي ۾ بيٺو هو، منهنجي ڪسوٽي جو وقت هو، همت ڪئي ۽ ان جي طرف هڪ دم اڳتي وڌي مون چيو: ”اَلسَّلَامُ عَلَيْڪُم“ ان تي اُن باقاعده منهن ڦيري ڇڏيو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان جذبات ۾ نہ آيس بلڪ مزيد اڳتي وڌي مون ان کي ڀاڪر پاتو ۽ ان جو نالو وٺي محبت ڀريي لهجي ۾ چيو: ”گهڻو ناراض ٿي ويا آهيو!“ منهنجو هي چوندي ئي ان جو غصو ختم ٿي ويو، بي ساختہ ان جي زبان مان نڪتو: نہ ڀاءُ نہ! الياس ڀاءُ ڪا ناراضگي ناهي! ۽ پوءِ ............. پوءِ ............ منهنجو هٿ پڪڙي چوڻ لڳو: هلو گهر هلون تا اوهان کي مون سان گڏ ٿڌي بوتل پيئڻي پوندي. ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي گهر وٺي ڪري ان منهنجي خير خواهي ڪئي.

ہے فلاح وکامرانی نرمی وآسانی میں
ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں
ڈوب سکتی ہی نہیں موجوں کی طغیانی میں
جس کی کشتی ہو محمد کی نگہبانی میں

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دشمن کي دوست بڻائڻ جو نسخو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي اصول ياد رکو! تہ نجاست کي نجاست سان نہ پاڻي سان پاڪ ڪيو ويندو آهي. تنهنڪري

جيڪڏهن ڪير اوهان سان ناداني ۾ شدت ڀريو سلوڪ ڪري تڏهن به اوهان ان سان نرمي ۾ محبت ڀريو سلوڪ ڪرڻ جي ڪوشش فرمايو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جا مثبت نتيجا ڏسي ڪري اوهان جو ڪليجو ٿڌو ٿيندو. وَاللّٰهِ الْمُجِيْب عَزَّوَجَلَّ اهي ماڻهو وڏا خوشنصيب آهن جيڪي سر جو جواب پٿر سان ڏيڻ جي بجاءِ ظلم ڪرڻ وارن کي معاف ڪري ۾ برائي کي ڀلائي سان ٽاريندا آهن. برائي کي ڀلائي سان ٽارڻ جي ترغيب جي ضمن ۾ پاره 24 سوره حم السّجده جي 34 آيتِ ڪريمه ۾ ارشاد قرآني آهي:

اِدْفَعْ بِالَّتِیْ هِیَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِیْ بَیْنَكَ وَ بَیْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِیٌّ حَمِیْمٌ ﴿۳۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: برائي کي ڀلائي سان ٽار تڏهن اهو جو تو ۾ ۽ ان ۾ دشمني هئي ايئن ٿي ويندو ڄڻ ته گهرو دوست.

پنهنجا هي ٻئي واقعا مان پنهنجي اسلامي ڀائرن جي ترغيب جي لاءِ عرض ڪيا آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻيا به ڪيترائي واقعا آهن[1] يقينًا صحيح معني ۾ ”مبلغ دعوتِ اسلامي“ اهو ئي آهي جيڪو ”انفرادي ڪوشش“ ۾ ماهر هجي.

## ڊرائيور تي انفرادي ڪوشش

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي جي مبلغن انفرادي ڪوشش

---

[1] عقيدتمندن ۾ ماتحتن جي ترغيب جي لاءِ پنهنجا واقعا بيان ڪرڻ بزرگن جو طريقو آهي. پر عام مبلغ جو پنهنجي منهن سان پنهنجا اهڙي طرح واقعا بيان ڪرڻ مناسب ناهي.
مجلس مڪتبة المدينه

www.dawateislami.net

واري سنت تي عمل ڪري ماڻهن جي دلين ۾ عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شمع روشن ڪرڻ ۾ مشغول آهن، ان جي انفرادي ڪوشش جي برڪتن پري تحريرن جو ڪڏهن ڪڏهن مون کي نظارو ٿي ويندو آهي، جيئن ته هڪ عاشقِ رسول مون کي تحرير ڏني هئي ان جو خلاصو پنهنجي انداز ۽ الفاظ ۾ عرض جي ڪوشش ڪريان ٿو: ”دعوتِ اسلامي جي مدني مزڪر فيضانِ مدينه (باب المدينه ڪراچي) ۾ جمعرات تي ٿيڻ واري هفته وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ مختلف علائقن پريل (بيشمار) مخصوص بسون واپسي جي انتظار ۾ جتي بيٺيون هيون، اتان گذريس ته ڇا ٿو ڏسان ته هڪ خالي بس ۾ گانا هلي رهيا هئا ۽ ڊرائيور ويهي چرس جي ڪش لڳائي رهيو هو، مان وجي ڪري ڊرائيور سان محبت ڀريي انداز ۾ ملاقات ڪئي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ملاقات جون برڪتون فورًا ظاهر ٿيون ۽ ان پاڻهي ئي گانا بند ڪري ڇڏيا ۽ چرس واري سگريٽ به وسائي ڇڏي. مون مسڪرائي سنتن ڀريي بيان جي ڪيسٽ ”قبر جي پهرين رات“ ان کي پيش ڪئي، ان انهي وقت ٽيپ ريڪارڊر ۾ لڳائي ڇڏي، مان به گڏ ويهي ٻڌڻ لڳس ته ٻين کي بيان ٻڌائڻ جو مفيد طريقو اهو ئي آهي جو پاڻ به گڏ ٻڌي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان تمام سٺو اثر ورتو، گهٻرائجي ڪري گناهن کان توبهه ڪئي ۽ بس مان نڪري مون سان گڏ اجتماع ۾ اچي ويهي ويو.“ (فيضانِ سنت، ج. 1، ص. 29)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! انفرادي ڪوشش سان ڪيترو فائدو ٿيندو آهي تنهنڪري هر مسلمان تي انفرادي ڪوشش ڪرڻ ۽ ان کي نمازن جي دعوت ڏيڻ گهرجي. اجتماع وغيره جي لاءِ جيڪڏهن بس يا ويگن ۾ اچو ته ڊرائيور ۽ ڪنڊڪٽر کي به شرڪت جي درخواست ڪرڻ گهرجي. بالفرض ڪير اچڻ جي لاءِ تيار ناهي هوندو ته ٻڌڻ جي درخواست ڪري ان کي بيان جي ڪيسٽ پيش ڪئي وڃي ۽ اهو ٻڌي وٺي ته واپس وٺي ڪري ٻين کي ڏني وڃي ۽ جيسيتائين ممڪن هجي بيان جي ڪيسٽ ڏئي ڪري ان جي بدلي ۾ ان کان گانن جي ڪيسٽ وٺي ان ۾ بيانات ڀرائي ڪري وڏيڪ اڳتي وڌائڻ گهرجن. اهڙي طرح ڪجهه نه ڪجهه گناهن ڀريون ڪيسٽن جو إِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ خاتمو ٿيندو. انفرادي ڪوشش ۾ سمجهائڻ ترڪ نه ڪرڻ گهرجي. الله رب اللعٰلمين عَزَّوَجَلَّ پاره 27 سورة الذّٰريٰت جي آيت نمبر 55 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ سمجهاءِ جو سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏي ٿو.

کاش! نیکی کی دعوت میں دوں جابجا
سنّتیں عام کرتا رہوں جابجا
گر ستم ہوا سے بھی سہوں جابجا
ایسی ہمت حبیبِ خدا دیجئے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## سيد سادات جا 2 عبرتناڪ ارشادات

جيڪي نادان جو بلا ضرورت پنهنجي مڪان ۽ دڪان جي تعمير ۽ تزئين (يعني سجاوت) ۾ منهمڪ رهن ٿا، اهي تعميرات جي متعلق سيد سادات، شاهِ موجودات، محبوب رب ڪائينات صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا 2 ارشادات مع تشريحات ملاحظ فرمايو ۽ عبرت جا مدني گل چونديو. جيئن ته

## (1) غير ضروري تعميرات جي حوصلا شڪني

حضرت سيدنا خبّاب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي، مالڪ ڪون و مڪان، رسول ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”مسلمان کي هر خرچ جي عوض اجر ڏنو ويندو آهي سواءِ ان مٽي جي.“ (مشڪوٰة المصابيح، ج. 2، ص. 246، حديث 5182)

مفسر شهير حڪيم الامت، حضرت علامہ مولانا الحاج مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هن حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”(سٺي نيت سان شريعت جي مطابق) کائڻ، پيئڻ، لباس وغيره تي خرچ ڪرڻ تي ثواب ملندو آهي ته هي شيون عبادتن جو ذريعو آهن پر بلا ضرورت مڪانات ٺاهڻ ۾ ڪو ثواب ناهي، تنهنڪري عمارتون ٺاهڻ جو شوق نہ ڪريو ته ان ۾ وقت ۽ مال ٻنهي جي بربادي آهي. خيال رهي! هتي دنياوي عمارتون اهي ئي بلا ضرورت ٺاهڻ مراد آهن. مسجد، مدرسه، خانقاه، مسافر خاني (سٺي نيت سان) ٺاهڻ ته عبادت آهي ڇو جو هي ته صدقاتِ جاريہ آهن. ايئن ئي (سٺي نيت سان) بقدرِ ضرورت مڪان ٺاهڻ بہ ثواب آهي تہ ان ۾

سڪون سان رهي ڪري الله تعالىٰ جي عبادت ڪري. ڪجهه ماڻهو ڏٺا ويا آهن ته اهي هميشه مڪان ڪي ڍاهڻ هر سال نئي نموني جا مڪانات ٺاهڻ ۾ مشغول رهندا آهن. هتي اهي ئي مراد آهن.“ (مراة شرح مشكوة، ج. 7، ص. 19)

## (2) فضول تعمير ۾ ڀلائي ناهي

حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، شاهه عرب، محبوبِ رب صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”سيئي خرچ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ آهن سواءِ عمارتن جي تعمير جي ڇو ته ان ۾ ڀلائي ناهي.“ (سنن الترمذي، ج. 4، ص. 218، حديث 2490)

مفسر شهير حڪيم الامت، حضرت علامه مولانا الحاج، مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”دنياوي غير ضروري عمارتون ناهيندي رهڻ اسراف يعني فضول خرچي آهي.“ (مراة شرح مشكوة، ج. 7، ص. 20)

شہد دکھائے زہر پلائے قاتل ڈائن شوہر کش
اس مردار پہ کیا للچایا دنیا دیکھی بھالی ہے

## ولين جي سردار جا عبرتناڪ اشعار

پيرن جي پير، روشن ضمير، قطبِ رباني، محبوبِ سبحاني، پير لاثاني، شهبازِ لامڪاني، قنديلِ نوراني، غوث صمداني حضرت شيخ ابو محمد عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ

شخص جي ويجهو گذريا جيڪو پنهنجي گهر جي مضبوط عمارت تعمير ڪري رهيو هو هي ڏسي غوث الاعظم دستگير رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰی عَلَيۡه برجسته عربي اشعار فرمايا:

أَ تَبۡنِي بِنَاءَ الۡخَالِدِيۡنَ وَ اِنَّمَا مَقَامُكَ فِيۡهَا لَوۡ عَقَلۡتَ قَلِيۡلُ
لَقَدۡ كَانَ فِيۡ ظِلِّ الۡاَرَاكِ كِفَايَةً لِّمَنۡ كَانَ يَوۡمًا يَّقۡتَفِيۡهِ رَحِيۡلُ

ترجمو: ڇا تون هميشه رهڻ وارن جو مڪان ٺاهي رهيو آهي جيڪڏهن تو ڪي سمجهه هجي ته ان ۾ تورڙي مدت رهندي، ان شخص جي لاءِ پيلو جو سايو ئي ڪافي هوندو آهي ته جنهن جي ويجهو قيام جي لاءِ فقط هڪ ڏينهن هوندو آهي (ٻئي ڏينهن) هليو ويندو آهي. (تنبيه الغافلين، ص. 110)

## الله جو ولي ڪنهن کي مڪان ٺاهيندي ڏسي ته..........

حضرت سيدي علي خواص رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جڏهن ڪنهن درويش کي مڪان ٺاهيندي ڏسندا هئا ته ان جي مذمت ڪندا ۽ فرمائيندا: ” تون هن مڪان تي جيڪو ڪجهه خرچ ڪرين ٿو ته ان ۾ تون کي سڪون ۽ اطمنان حاصل نه ٿيندو.“ (ايضًا، ص. 111)

اونچے اونچے مکان تھے جن کے تنگ قبروں میں آج آن پڑے
آج وہ ہیں نہ ہیں مکاں باقی نام کو بھی نہیں ہیں نشانی باقی

www.dawateislami.net

## عبرت ناڪ واقعو

”مدينة الاولياء ملتان“ جو هڪ نوجوان ڪي مال ڪمائڻ جي دُهن هئي، پنهنجي وطن، شهر، خاندان وغيره کان پري ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي وينو. خوب مال ڪمائي گهر وارن ڪي موڪليندو، ان جي ۽ گهر وارن جي مشوري سان عاليشان مڪان (ڪوٺي) ٺاھڻ جو طي ٿيو. هي نوجوان سالن تائين رقم موڪليندو رهيو، گهر وارا مڪان ٺاھيندا ۽ ان کي سينگاريندا رهيا ايستائين جو اهو مڪمل ٿي ويو. هي شخص جڏهن وطن واپس آيو ته ان عاليشان مڪان (ڪوٺي) ۾ رهائش جي لاءِ تياريون عروج تي هيون پر آه! مقدر اهو ته ان مڪان ۾ منتقل ٿيڻ کان تقريبًا هڪ هفتو پهريان ئي ان جو انتقال ٿي ويو ۽ اهو پنهنجي عاليشان مڪان جي بجاءِ قبر ۾ منتقل ٿي ويو.

جہاں میں ہے عبرت کے ہر سو نمونے
مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تو نے
جو آباد تھے وہ مکاں اب ہیں سونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## سامان 100 برس ڪا هے پل ڪی خبر نهين

آه! ڪڏهن ڪڏهن ٻانهو غفلت ۾ رهجي ويندو آهي ۽ ان جي ٻاري ۾ ڪجهه نه ڪجهه تيار ٿي چڪو هوندو آهي جيئن ته ”غنية الطالبين“ ۾ آهي: ”گهڻا ئي ڪفن ڌوپجي تيار رکيا ويندا

آهن پر ڪفن پائڻ وارا بازارن ۾ گهمي رهيا هوندا آهن، گهڻا ماڻهو اهڙا هوندا آهن جن جو قبرون پهريائين تيار هونديون آهن پر ان ۾ دفن ٿيڻ وارا خوشين ۾ مست آهن. گهڻا ماڻهو کلي رهيا هوندا آهن حالانڪ ان جي هلاڪت جو وقت ويجهو اچي چڪو هوندو آهي. نہ ڄاڻي ڪيترائي مڪانن جي تعميرات مڪمل ٿيڻ واري هوندي آهي پر مالڪِ مڪان جي موت جو وقت بہ ويجهو اچي چڪو هوندو آهي.“ (غنية الطالبين، ج. 1، ص. 251)

آگاہ اپنی موت سے کوئی بشر نہیں
سامان سو برس کا ہے پل کی خبر نہیں

منا منا اسلامي ڀائرو! ڪيستائين هن دنيا ۾ غفلت سان گڏ زندگي گذاريندا رهنداسين. ياد رکو! هن دنيا کي اوچتو ڇڏي ڪري رخصت ٿيڻو پوندو. سرسبز باغ، عمده عمده مڪانَ، اونچا اونچا محلات، مال و دولت ۽ هيري جواهرات، سوني چاندي اڄ زيورات ۽ منصب ۽ شهرت ۽ دنياوي تعلقات هرگز ڪم نہ ايندا، نرم و نازڪ بدن تي نرم نرم گدن مان اٿي ڪري بغير ويهاڻي جي قبر جي اندر فرشِ خاڪ تي وڌو ويندو.

نرم بستر گھر ہی رہ جائیں گے
تم کو فرشِ خاک پر دفنائیں گے

## يہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

منا منا اسلامي ڀائرو! موت جي ياد جي لاءِ 3 عبرت ناڪ اخباري واقعات ملاحظ فرمايو جو تہ هڪ جي موت بئي جي لاءِ

www.dawateislami.net

نصيحت هوندي آهي. جيئن تہ (1)....... هڪ اخباري خبر جي مطابق مرڪز الاولياء جي هڪ 16 سالن جي نوجوان ڇوڪري ڪير گرم ڪري رهي هئي تہ اوچتو پوتيءَ کي باهہ لڳي وئي ۽ اها سڙي ڪري لقمہ اجل بڻجي وئي. (2) ....... هڪ خاتون چلهي ڦاٽڻ جي سبب مري وئي. (3) ...... ڪنهن شهر ۾ ڪنهن سياسي پارٽي جو جلوس ٿي رهيو هو، سياسي ليڊر کي ڏسڻ جي لاءِ بہ ماڻهو ٽرين جي ڇت تي چڙهي ويا. آه! اوور هيڊ پل سان انهن جا مٿا ٽڪرائجي ويا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ٻنهي جا دم ٽٽي ويا.

## لفٽ ۾ قدم رکيو پر لفٽ نہ هئي ۽ .......

هڪ اسلامي ڀاءُ ٻڌيو: باب المدينہ جي هڪ عمارت جي چوٿين منزل تان هيٺ اچڻ جي لاءِ هڪ عورت لفٽ جي انتظار ۾ بيٺي ڪنهن سان ڳالهين ۾ مشغول هئي، لفٽ جو دروازو کليو، ڳالهيون ڪندي ڪندي ان بغير ڏسڻ جي لفٽ جي اندر قدم رکي ڇڏيو پر لفٽ نہ آئي هئي ۽ ايئن ئي ويچاري خلا جي اندر ڪرندي چوٿين منزل تان سڌي زمين تي ڪري ۽ ان جو ساهہ نڪري ويو.

## عبرت ناڪ اشعار
## عاليشان مڪانات ڪٿي آهن!

منا منا اسلامي ڀائرو! افسوس! اسان جي اڪثريت اڄ دنيا جي محبت جو ساهہ کڻندي نظر اچي رهي آهي پر آخرت جي محبت نظر نہ ٿي اچي، جنهن کي ڏسو هن دنيا جي دولت جمع

ڪندي، دنياوي اسناد حاصل ڪندي ۽ فاني دنيا جي اراضي (يعني پلاٽن) ئي جي طلب آهي. نيڪين ۾ عشقِ رسول جي لازوال دولت، مغفرت جي سند ۽ الله رب العزت جي عظيم نعمت جنت الفردوس حاصل ڪرڻ جي حرص تمام گهٽ ماڻهن کي آهي! اي دنيا جي عمده عمده مڪانن ۽ عاليشان محلات جا طلبگارو ٻڌو! قرآنِ پاڪ ڇا چئي رهيو آهي جيئن ته الله رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو پاره 25 سورة الدُخَان آيت 25 تا 29 ۾ ارشادِ عبرت بنياد آهي:

كَمْ تَرَكُوْا مِنْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿۲۵﴾ وَّ زُرُوْعٍ وَّ مَقَامٍ كَرِيْمٍ ﴿۲۶﴾ وَّ نَعْمَةٍ كَانُوْا فِيْهَا فٰكِهِيْنَ ﴿۲۷﴾ كَذٰلِكَ ۫ وَ اَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ﴿۲۸﴾ فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ وَمَا كَانُوْا مُنْظَرِيْنَ ﴿۲۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ڪيترائي ڇڏي ويا باغ ۽ چشمان ۽ پوکون ۽ سنيون جايون ۽ نعمتون جن ۾ بي فڪر گذاريندا هئا. اسان ايئن ئي ڪيو انهن جو وارث ٻي قوم کي ڪري ڇڏيو پوءِ انهن تي نه ته آسمان رُنو ۽ نه زمين ۽ انهن کي مهلت نه ڏني وئي.

پاره 22 سورة الفاطر آيت 5 ۾ رب العباد عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۫ وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ﴿۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي انسانو بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي پوءِ توهان کي هرگز ڌوڪو نه ڏي دنيا جي زندگي ۽ هرگز توهان کي الله جي حڪم تي ڌوڪو نه ڏي.

## خوب غور و فڪر ڪريو

منا منا اسلامي ڀائرو! خوب غور و فڪر ڪريو تہ اسان دنيا ۾ ڇو موڪليا ويا آهيون؟ اسان جو مقصدِ حيات ڇا آهي؟ هاڻي تائين اسان پنهنجي زندگي ڪهڙي طرح گذاري؟ آه! نزع ۽ قبر و حشر ۽ ميزان و پل صراط تي اسان جو ڇا ٿيندو؟ اسان جا اهي عزيز و اقارب جيڪي اسان ڪان پهريان دنيا مان رخصت ٿي ويا قبر ۾ نہ ڄاڻي انهن سان ڇا ٿي رهيو هوندو؟ اِنْ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اهڙي طرح غور و فڪر ڪرڻ سان دنيا جي لذتن ڪان ڇوٽڪارو، ڏکيين اميدن ڪان نجات ۽ موت جي ياد جي برڪت سان نيڪين جي رغبت سان گڏوگڏ ڪثير اجر بہ حاصل ٿيندو جيئن تہ:

## 60 سالن جي عبادت ڪان بهتر

سرڪار مدينہ، راحت قلب و سينہ، باعث نزول سڪينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي: ”(آخرت جي معاملي ۾) ٿوري گهڙي جي لاءِ غور و فڪر ڪرڻ 60 سالن جي عبادت ڪان بهتر آهي.“ (الجامع الصغير للسيوطي، ص. 365، حديث 5897)

## 70 ڏينهن پراڻي لاش

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير مدني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جي مدني ماحول ۾ لکن جو بگڙيون ٻڌجي رهيو آهن، هي اهلِ حق جي خالص مدني تحريڪ آهي اچو! ايمان تازہ ڪرڻ جي لاءِ مدني ماحول جي برڪت جي عظيم الشان مدني بهار ملاحظہ فرمايو:

www.dawateislami.net

3 رمضان المبارڪ 1426ھ (8-10-05) هفتي جي ڏينهن پاڪستان جي مشرقي حصي ۾ خوفناڪ زلزلو آيو جنهن ۾ لکين ماڻهو فوت ٿي ويا، انهن مان مظفرآباد (ڪشمير) ”ميرا تسوليان“ جي مقيم 19 سالن جي نسرين عطاريہ بنتِ غلام مرسلين جيڪا دعوتِ اسلامي جي هفتي وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت فرمائيندي هئي، فوت ٿي وئي، مرحومہ جي والد ۽ ڀين گهر وارن 8 ذو القعده الحرام 1426 ھ (10-12-05) سومر جي رات 10 وڳي ڪنهن سبب ڪان قبر ڪولي وئي، هڪدم اچڻ واري خوشبوئن جي لهرن سان مشامِ دماغ معطر ٿي ويا! شهادت جا 70 ڏينهن گذرڻ جي باوجود نسرين عطاريہ جو ڪفن سلامت ۽ بدن بالڪل تر و تازه هو! الله عَزَّوَجَلَّ جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالىٰ عَلىٰ مُحَمَّد

سيئي اسلامي ڀائر روزانو وقت مقرر ڪري فڪر مدينہ ڪري مدني انعامات جو رسالو ڀريو ۽ هر مدني مهيني (اسلامي مهيني) جي 10 تاريخ تائين پنهنجي ذمہ دار کي جمع ڪرايو ۽ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ نہ صرف پاڻ بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن تي انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن جو مسافر بڻايو، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ خوب خوب برڪتون حاصل ٿينديون.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالىٰ عَلىٰ مُحَمَّد

www.dawateislami.net

